# مديني ۾ مرڻ جون فضيلتون

**29-May-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



29 مئي، 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 2 ذُوالحج، 1446ھ)
تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مديني ۾ مرڻ جون فضيلتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... عشره ذُوالحج جون فضيلتون .............
- ... مديني پاڪ ۾ مرڻ افضل آهي ............
- ... بقيع پاڪ جو توريت ۾ ذڪر....
- ... بي حساب جنت ۾ داخلا ........

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً

ترجمو: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سيني ڪان ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو مون تي سيني ڪان وڌيڪ دورود پڙهڻ وارو هوندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! درود پاڪ ڪيڏي نہ اعليٰ نيڪي آهي...!! جو ان جي بَرَڪَت سان قُرْبِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نصيب ٿيندو آهي. هن حديث پاڪ جي تحت مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ: قيامت ۾ سيني ڪان وڌيڪ آرام ۾ اهو هوندو جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي همراهي(يعني قُرب يا ويجهڙائي) نصيب ٿيڻ جو ذريعو درود شريف جي ڪثرت آهي.[2]

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لُوں رضاؔ | لَوٹ جاؤں پاکے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں (3)

وضاحت: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو جذبهٔ عشق ڏسو! فرمائي رهيا آهن، اي رضا، قيامت جي ڏينهن مان عشقِ رسول ۽ محبت ۾ بي خوديءَ جا مزا ماڻيندس، جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامنِ ڪرم هٿ ۾

1...ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جافی فضل الصلوة...الخ، صفحہ:144، حدیث:484۔
2...مرأ ة المناجيح،جلد:2،صفحہ:100 ۔
3...حدائقِ بخشش،صفحہ:104۔

اچي ويندو تہ عشق ۽ محبت ۾ جھومڻ (يعني مچلجڻ) لڳندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞اَدَب سان ويهندس ۞بيان دوران سُستي کان بچندس ۞پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس۞جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عشره ءِ ذُوالحج جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! برڪتن واري، رحمتن واري، عزتن وارو مهينو ذُو الحج تشريف ڪٺي آيو آهي. حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ عزت ۽ حرمت جي لحاظ کان هي سڀني کان عظمت وارو مهينو آهي.[2] حديث پاڪ جي مطابق هن مهيني جي شروعاتي 10 ڏينهن ۾ هڪ نيڪيءَ جو ثواب 700 دفعا وڌايو ويندو آهي.[3] هڪ ٻي روايت ۾ آهي: ۞انهن ڏينهن ۾ نيڪي ڪرڻ افضل نيڪي آهي ۞ انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ هڪ سال جي روزن جي برابر آهي ۞ انهن ڏينهن جي راتين ۾ قيام ڪرڻ (يعني رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ) شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ جي برابر آهي.[4]

هر ہر گھڑی ہے اِس کی عِزّ و فَضل میں یکتا | بادَل کرم کا چھایا، ماہِ حرام آیا

1...بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔
2... ابن ماجَہ، کتاب الفتن، باب حرمۃ زم المومن ومالہ، صفحہ:633،حدیث:3931مفہوماً۔
3...شعب الایمان، باب فی الصیام، جلد:3، صفحہ:356، حدیث:3757۔
4...ترمذی،کتاب الصوم، باب ما جاء فی العمل، صفحہ:211، حدیث:758۔

بڑھتی ہیں اِس میں قدریں، نیکی کی یاد رکھنا! | کرنا نہ وقت ضَائع، ماہِ حرام آیا

**وضاحت:** يڪتا: يعني اڪيلو، تنها. ماهِ حرام: يعني عزت ۽ حرمت وارو مهينو.

اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! ڪيڏا نه پيارا ۽ فضيلت وارا ڏينهن آهن، الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي، انهن مبارڪ ڏينهن ۾ خوب عبادت ڪريو! ۞ ذِڪرُ الله ڪيو! ۞تلاوت ڪيو! ۞نمازون پڙهو! ۞علمِ دين سکو! ۞نفلي روزا رکو! ۞هٿ ۾ تسبيح کڻي وٺو! اڄڪلهه ته ڊجيٽل تسبيح به اچي رهي آهي، اها آڱر ۾ وجهي ڇڏيو! تسبيح موجود هوندي ته ڳڻيندي ڦرندي، اٿندي ويهندي ياد ايندو رهندو ۽ ڪجهه نه ڪجهه ذِڪر ۽ درود زبان تي جاري رهندو.

هڪ اهم ۽ آسان نيڪي انهن ڏينهن ۾ اها به ڪري سگهجي ٿي ته الله پاڪ جي فضل سان وقت جا وليءِ ڪامل شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن ڏينهن ۾ روزانو **مدني چينل** تي لائيو **مدني مذاڪرو** (يعني سوال جواب جو سلسلو) فرمائيندا آهن. **مدني مذاڪرو** علمِ دين سکڻ جو بهترين ذريعو آهي ۽ علمِ دين سکڻ افضل ترين نيڪي آهي. **مدني مذاڪري** جي ذريعي جڏهن ته اسان افضل ترين نيڪي ڪرڻ جو ثواب حاصل ڪري سگهون ٿا. الله پاڪ اسان کي سني نيت نصيب فرمائي، ڪوشش ڪري روزانو **مدني چينل** تي مڪمل **مدني مذاڪرو** ڏسو! ۽ توجهه سان ڏسو! جيڪڏهن مڪمل نه ڏسي سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ **1 ڪلاڪ 12 منٽ** ئي مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بي شمار ثواب نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

مَدنی مُذاکرہ ہے شَریعت کا خَزِینہ | اَخلاق کا تہذِیب کا طَرِیقَت کا خَزِینہ

## هڪ عظيم عاشقِ رسول جو ذِڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! **4 ذُوالحج** تي هڪ عظيم عاشقِ رسول جو يومِ وصال آهي، اهو عظيم عاشقِ رسول جنهن هزارين ماڻهن کي عاشقِ رسول بڻايو آهي ۞ اهو عظيم عاشقِ رسول جنهن جي سيرت، صورت، چال چلت، کائڻ، پيئڻ، پهرڻ، زندگيءَ جي هر

هڪ ادا سنت جي سانچي ۾ سجايل هئي ۞اهو عاشقِ رسول جنهن کي ڏسي عاشقن جون دليون جُهومڻ لڳنديون هيون ۞اهو عاشقِ رسول جيڪو گنبذِ خضرا جي جلون ۾ گم رهندو هو ۞اهو عاشقِ رسول جنهن کي مديني سان بي حد محبت هئي ۞اهو عاشقِ رسول جنهن تڪليفون برداشت ڪيون پر مدينو ڇڏڻ گوارا نہ ڪيو ۞اهو عظيم عاشقِ رسول جنهن کي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن قدمن ۾ قبول فرمايو ۽ بقيع پاڪ ۾ جاءِ عطا فرمائي.

غرقِ عشقِ مصطفٰے، قُطبِ مدينہ طيبہ | فيض کا اِک سلسلہ، قُطبِ مدينہ طيبہ

ساکنِ شہرِ مدينہ، مرکزِ مہر و وَفا | مصدرِ حلم و حيا، قُطبِ مدينہ طيبہ

**وضاحت:** ۞ حضرت قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي زندگي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۾ ٻڏل هئي ۞ سندن ذاتِ پاڪ مان فيض جو درياھ وهي رهيو هو ۞ پاڻ مدينہ پاڪ جا رهڻ وارا ۞ واعدي جي پابندي ڪرڻ وارا ۞ حلم ۽ حيا جا پيڪر هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي عظيم عاشقِ رسول ڪير آهن...؟ ۞اهي امامِ عشق و محبت اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جا مريد آهن ۞ ڪروڙين عاشقن جي دلين جي ڌڙڪن ۞عاشقِ مدينہ سيدي اميرِ اهلِ سنت جا پير صاحب آهن ۞دنيا انهن کي قطبِ مدينہ حضرت ضِياءُ الدّين مدني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي نالي سان سڃاڻيندي آهي.

عاشقِ مصطفٰےؐ، ضِياءُ الدّين | زاہد و پارسا، ضِياءُ الدّين

جامِ عشقِ نبی پلا کے مجھے | مَست و بے خُود بنا، ضِياءُ الدّين

موت آئے مجھے مدينے ميں | کردو حَق سے دُعا، ضِياءُ الدّين

مجھ کو ديدو بقيعِ غَرقد ميں | اپنے قدموں ميں جا، ضِياءُ الدّين (1)

حضرت ضِياءُ الدّين مدني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مسلمانن جي پهرين خليفي عاشقِ اڪبر

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:562، 563 ملتقطاً۔

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اولاد مان آهن.[1] يعني اوهان کي فيضانِ عشق، عاشقِ اڪبر کان ئي نصيب ٿيو هو. ۞ اوهان اصل ۾ سيالڪوٽ (پنجاب، پاڪستان) جا رهائشي هئا، هتان کان سفر فرمايائون ۽ بغداد کان ٿيندا مديني شريف حاضر ٿيا، هن شهرِ پاڪ جي فضائن سان ايتري دلچسپي هئي جو هتان جا ئي ٿي رهجي ويا.[2] پاڻ 70 سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو مديني پاڪ ۾ گذارڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

پون سو سال تک مدینے میں | تم نے بانٹی ضیا، ضیاءُ الدِّین [3]

## مدينو ڇڏي انهن جو ديوانو نه ويندو...!!

سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي اُتي (مديني ۾) قيام جي دوران ڪيترين ئي تڪليفون بہ آيون، اهي حاسد جيڪي چاهيندا هئا تہ پاڻ هتي نہ رهن، عاشقن جون دليون ٽٽيون نہ ڪن، انهن ڪيترائي پيرا سندن کي هتان ڪيرائڻ جون ڪوششون بہ ڪيون، ڪيترائي پيرا انتظاميہ کي اوهان جون ڪوڙيون شڪايتون بہ ڪيون پر... هي شهرِ مدينہ آهي.

يہاں مرضی نہیں چلتی کسی کی | مدینے والا ہی بُلوا رہا ہے

جنهن کي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رهائڻ چاهن، ان کي پلا ڪير ڪيئي سگهي ٿو...؟ سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي ڪنهن حاسد ڪُوڙي شڪايت ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ نوبت ايسيتائين وڃي پهتي جو پوليس منهنجو سامان گهر مان ڪڍي گهٽيءَ ۾ رکي ڇڏيو ۽ چيو: **هاڻي توهان هتي نہ ٿا رهي سگهو.** فرمائن ٿا: پوليس وارا گهٽيءَ ۾ ئي موجود هئا، سامان بہ گهٽيءَ ۾ ئي رکيل هو، مان بہ اتي ئي موجود هيس، جيئن ئي پوليس وارن جو ڌيان هيڏي هوڏي ٿيو، مان فوراً لِڪَ چُپَ ۾ حرم پاڪ جي طرف نڪري ويس.

ٹُوٹ پڑتی ہیں بلائیں جن پر، جن کو ملتا نہیں کوئی یاوَر

ہر طرف سے وہ پُر اَرماں پھر کر اُن کے دامن میں چھپا کرتے ہیں

1... سيدی قطب مدينہ، صفحہ:7۔
2... سيدی قطب مدينہ، صفحہ:7-8 ملخصاً۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ: 562، 563 ملتقطاً۔

سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه روضي پاڪ تي حاضر ٿي ويا، سونهري ڄارين جي سامهون بيهي عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان هتان وڃڻ نہ ٿو چاهيان، هتي ئي قدمن ۾ رهڻ چاهيان ٿو.

| | |
|---|---|
| تیرے ٹکڑوں سے پلے، غیر کی ٹھوکر پہ نہ ڈال | جھڑکیاں کھائیں کہاں؟ چھوڑ کے صدقہ تیرا |
| کس کا مُنہ تکیے! کہاں جائیے! کس سے کہیے! | تیرے ہی قدموں پہ مِٹ جائے یہ پالا تیرا (1) |

فرمائن ٿا: درخواست پيش ڪري جڏهن مان واپس موٽيس تہ ڇا ٿو ڏسان تہ **پوليس واري پاڻ ئي منهنجو سامان گهر جي اندر رکي ڇڏيو آهي ۽ مون کي بہ رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.**

| | |
|---|---|
| عاشقِ مصطفٰے ضیاءُ الدّین | زاہِد و پارسا ضِیاءُ الدّین |
| تم کو قُطبِ مدینہ یامُرشِد! | علما نے کہا ضِیاءُ الدّین |

## عاشق جو جنازو آهي ٿورو ڌوم ڌام سان نڪري.....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيدي قطب مدينہ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه مديني ۾ ئي رهڻ، هتي ئي مرڻ ۽ بقيع پاڪ ۾ دفن ٿيڻ جي تمام گهڻي تمنا رکندا هئا، اها ئي تمنا دل ۾ سانديي اوهان 70 سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو مدينہ پاڪ ۾ گذاريو، آخرڪار سچي عاشقِ رسول جي سچي تمنا پوري ٿي. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي عاشق کي پنهنجن قدمن ۾ قبول فرمايو.

هي 4 ذُو الحج، 1401ھ(بمطابق 10 فيبروري، 1981ء) جمعي جو ڏينهن هو.

هوڏانهن مسجدِ نبوي شريف ۾ جمعي جي اذان شروع ٿي، مؤذن اَللّٰهُ اَكۡبَر، اَللّٰهُ اَكۡبَر چيو، ان سان گڏ ئي سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه ڪلمو شريف پڙهيو ۽ سندن روح پاڪ پرواز ڪري ويو.

جمعي جي نماز کان پوءِ غسل ۽ ڪفن جو سلسلو ٿيو، حُجرهءِ مقدسہ (سونهري ڄارين جي اندر واري حصي) جي خاڪِ پاڪ سندن مٿي جي هيٺان رکي وئي، حجري

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:17 ملتقطاً۔

شريف جي غلافِ ۽ غلافِ ڪعبه جا ٽڪرا سندن سيني پاڪ تي رکيا ويا، دربارِ غوثِ پاڪ ۽ دربارِ داتا حضور جون چادرون رکيون ويون، نمازِ عصر کان پوءِ درود و سلام پڙهندي جنازو کنيو ويو، نمازِ جنازه ادا ڪرڻ کان پوءِ اوهان کي مواجهه شريف(يعني پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرو پاڪ) جي سامهون پيش ڪيو ويو. عاشقانِ رسول درود ۽ سلام جا نذرانا پيش ڪري رهيا هئا، ان وقت جنازي تي عجيب وجداني ڪيفيت طاري هئي، ان کان پوءِ جنازو محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ حاضر ڪيو ويو، هتي به درود ۽ سلام جا نذرانا پيش ٿيا، پوءِ بابِ جبريل جي طرف کان بقيعِ پاڪ ڏانهن روانو ڪيو ويو، اعليٰ حضرت جو قصيدو مبارڪ:

ڪعبے کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں درود

۽ سلامِ رضا:

مصطفےٰ جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام

جون صدائون گونجي رهيون هيون، انهن ئي مبارڪ صدائن سان گڏ جنازو مبارڪ بقيعِ پاڪ پهتو.(1) سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وصيت فرمائيندا هئا تہ جڏهن منهنجو انتقال ٿي وڃي تہ مون کي اهلِ بيتِ پاڪ جي قدمن ۾ رکي ڇڏجو، مان پاڻ ئي ڊوڙي وڃي انهن جي قدمن سان چُنبڙي پوندس. تنهنڪري هن وصيت تي عمل ڪندي شهزاديءِ ڪونين سيده فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنْها جي قدمن جي طرف کان اوهان کي دفن ڪيو ويو.(2)

عشق کا پیکر شَرع کا پاسباں جاتا رہا | منزلِ مَقصُود کا روشن نشاں جاتا رہا
وہ رہا تو برکتیں ہی برکتیں تھیں بزم میں | وہ گیا تو برکتوں کا اِک جہاں جاتا رہا
وہ نبی کا تھا چہیتا، غوث کا تھا لاڈلا | اپنے پیر و مرشد کا دُلارا، مدح خواں جاتا رہا(3)

الله پاڪ اسان کي سيدي قطبِ مدينہ جي سيرت ۽ اخلاق مان روشني حاصل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... سیدی ضیاء الدین احمد قادری، جلد:2، صفحہ:242-244 بتصرف ۔
2... سیدی ضیاء الدین احمد قادری، جلد:2، صفحہ:244 ۔
3... سیدی ضیاء الدین احمد القادری، جلد:2، صفحہ:329۔

# وطن ۾ مري وَيُس ته ڇا ڪندس ...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪهڙي نه نرالي قسمت آهي، ڪهڙو قابلِ رشڪ موت آهي. هڪ سچي عاشق محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ جڳهه حاصل ڪرڻ جي لاءِ 70 سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو انتظار ڪيو، مشڪلاتون آيون، صبر ڪندا رهيا، پنهنجن کان پري، پيرن ڀائرن کان پري مدينه پاڪ ۾ رهيا، خواهش هئي ته رڳو اها ته بقيع پاڪ ۾ دفن ٿيڻ نصيب ٿي وڃي، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيئن نه پرم رکيو، ڪيڏو نه ڪرم فرمايو، عاشقِ صادق کي پنهنجن قدمن ۾ قبول فرمايو ۽ ته ڪهڙي شان سان...!! سُبْحٰنَ اللّٰه! جنازو شريف ڪڏهن مواجهه شريف تي پيش ٿئي پيو ته ڪڏهن قدمن ۾ حاضر ٿئي پيو، آخرڪار درود ۽ سلام جي گونج سان اهلِ بيتِ پاڪ جي قدمن ۾ آرام جي جاءِ ملي ٿي وڃي. اللّٰه پاڪ اسان کي به اهڙو نصيب عطا فرمائي، ڪاش! عمر ڀر مديني ۾ اچڻ وڃڻ نصيب ٿيندو رهي، ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش...!! جڏهن آخري وقت اچي، گنبذِ خضرا شريف جو سايو هجي، سونهري جاريون سامهون هجن، ڪلمو پڙهندي، درودِ پاڪ لبن تي سجائيندي دم نڪري وڃي.

يُوں مجھ کو موت آئے تو کیا پوچھنا مرا | میں خاک پر، نگاہ درِ یار کی طرف
کعبے کے صدقے، دِل کی تمنّا مگر یہ ہے | مَرنے کے وقت مُنہ ہو درِ یار کی طرف

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

# مديني پاڪ جو هڪ نرالو شان

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! مدينو پاڪ ڪيڏو نرالو شهر آهي...؟ هاڻي مون هڪ عاشقِ رسول جي وفات جو ذڪر ڪيو، ان تي سُبْحٰنَ اللّٰه! چيو پيو وڃي. هي ته اللّٰه پاڪ جي ولي، تمام وڏي عاشقِ رسول سيدي قطبِ مدينه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ذڪر هو، پر ڪو عام ماڻهو، جيڪو عاشقِ رسول هجي، اسان کي ٻڌايو وڃي ته فلاڻو مديني ويو هو، اتي ئي وفات ڪري ويو، چاهيندي يا نه چاهيندي به اسان جي زبان مان سُبْحٰنَ اللّٰه! نڪري ويندو. اسان کي ان تي رشڪ اچي رهيو هوندو.

حالانڪ دنيا ۾ ڪٿي به، ڪنهن به خطي ۾، ڪيڏي به وڏي عمر حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪو شخص وفات ڪري وڃي ته اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّا اِلَیْہِ راجِعُوْنَ پڙهيو ويندو آهي، رشتيدارن سان تعزيت ڪئي ويندي آهي، غم جو اظهار ڪيو ويندو آهي، پر مديني ۾ مرڻ جي ڳالهه ئي ٻي آهي، جيڪو مديني ۾ مري وڃي، ان تي غم ڪرڻ جي بدران عاشقانِ رسول رشڪ ڪندا آهن.

یہاں رہ کے جینا ہے مرنے سے بدتَر | وہاں جا کے مرنا ہے، جینے سے بہتر
میسر جو ہو اُن کے قدموں میں رہ کر | وہی زندگی اصل میں زندگی ہے

## مدينو حَسِين آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مدينو پاڪ تمام عظمت وارو، نهايت برڪتن وارو، فضيلتن وارو، پيارو پيارو، سهڻو سهڻو شهر آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قيام لاءِ پاڻ هن پاڪ شهر جو انتخاب فرمايو ۽ ان ڏانهن هجرت جو حڪم ڏنو. قرآن ڪريم ۾ آهي:

وَ الَّذِیْنَ هَاجَرُوْا فِی اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً ؕ
(پارو: 14، سوره نحل: 41)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جن الله جي واٽ ۾ پنهنجا گهر بار ڇڏيا، ان کان پوءِ جو انهن تي ظلم ڪيو ويو، پوءِ ضرور اسان انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏينداسين.

تفسيرِ طبري ۾ آهي: امام شعبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيتِ ڪريمه ۾ حسنه مان اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو مدينو مراد آهي.(1)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هڪ محبت ڪرڻ وارو، پنهنجي محبوب جي لاءِ بهترين ۽ خوبصورت ترين جاءِ جو ئي انتخاب ڪندو آهي، جڏهن ته الله ربّ العالمين پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ مديني پاڪ جو انتخاب فرمايو، ان مان

1...تفسيرِ طبری، پارہ:14، سورۂ نحل، زیرآیت:41، جلد:7، صفحہ:585، رقم:21591 ۔

ثابت ٿيو تہ مدينو پاڪ سڄي دنيا کان افضل ۽ اعليٰ، سنو ۽ بهترين آهي.[1]

سارے نبیوں کا سَرور، مدینے میں ہے | سب رَسولوں کا اَفسر، مدینے میں
لُطف جنّت سے بڑھ کر مدینے میں ہے | میٹھے مَحبُوب کا گھر، مدینے میں ہے (2)

## مديني ۾ مرڻ افضل آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن تہ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني پاڪ ۾ آهن، ان ڪري علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: سڄي دنيا مان مديني پاڪ ۾ مرڻ (۽ اتي ئي دفن ٿيڻ) افضل آهي (ڇاڪاڻ تہ ائين پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي ويندو آهي) [3]

اے کاش! مدینے میں مجھے موت یوں آئے | چوکھٹ پہ تری سر ہو مری روح چلی ہو (4)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پياري آقا جي پياري تمنا...!!

مؤطا امام مالڪ حديث پاڪ جو سڀني کان پهريون ڪتاب آهي، عظيم عاشقِ رسول حضرت امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ان ۾ حديثون جمع ڪيون آهن. هن مبارڪ ڪتاب ۾ هڪ روايت آهي، هڪ دفعي ڪنهن جو انتقال ٿي ويو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي نمازِ جنازه پڙهائي، ميت کي قبرستان ڏانهن کڻي ويا، اجان قبر تيار ٿي رهي هئي، تنهنڪري رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اتي تشريف فرما ٿيا ۽ قبر تيار ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ قبر جي اندر جهاتي پائي ڏٺو ۽ چيائين: بِئْسَ مَضْجَعُ الْمُؤْمِنِ يعني هي مؤمن جو ڪيڏو نہ خراب نڪاڻو آهي.

محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ فرمايائون:

---

1...جذبُ القلوب، صفحہ:20بتصرف۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:489-490۔
3...مرقاۃ المفاتیح، کتاب المناسک، باب حرم المدینہ...الخ، جلد:5، صفحہ:640، زیر حدیث:2757۔
4... وسائل بخشش، صفحہ:314۔

تون بُري ڳالهه ڪئي آهي. عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجو اهو مقصد نہ هو. مان تہ اهو چوڻ ٿي چاهيو تہ جيڪڏهن هن ڪي شهادت جو موت نصيب ٿئي ها تہ ان جي چا ڳالهہ هجي ها. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: شهادت جو تہ مثال ئي نہ آهي، البتہ! مَا عَلَى الْاَرْضِ بُقْعَةٌ هِيَ اَحَبُّ اِلَيَّ اَنْ يَكُوْنَ قَبْرِى بِهَا هي خِطو (يعني مدينو پاڪ) اهو زمين جو ٽڪرو آهي جيڪو سڄي دنيا جي نسبت مون کي وڌيڪ پسند آهي تہ منهنجي قبر اتي ٺاهي وڃي. (1)

شاہ! تم نے مدینہ اپنایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
اپنا روضہ اِسی میں بنوایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
ہر طرف رحمتوں کا ہے سایہ، واہ! کیا بات ہے مدینے کی
خوب رُتبہ عظیم ہے پایا، واہ! کیا بات ہے مدینے کی (2)

## سڌو رستو هي شفاعت جي نگريءَ جو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! علامہ سمهودي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: صرف مديني پاڪ جو ئي اهو شان آهي تہ باقاعده حديث پاڪ ۾ مديني ۾ مرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي، اهڙي ترغيب دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي شهر جي باري ۾ نہ آهي. (3)

ترغيب ڇا آهي؟ حديث پاڪ ٻڌو! محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنِ اسْتَطَاعَ اَنْ يَمُوْتَ بِالْمَدِيْنَةِ فَلْيَفْعَلْ، فَاِنِّيْ اَشْفَعُ لِمَنْ مَاتَ بِهَا يعني جنهن کان ٿي سگهي، اهو مديني ۾ مري، بس جيڪو مديني ۾ مرندو، مان ان جي شفاعت فرمائيندس. (4)

طیبہ میں مَر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند | سیدھی سڑک یہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے (5)

وضاحت: نصيب ٿي تہ! مديني ۾ موت حاصل ڪيو ۽ اکيون بند ڪري آرام

1... موطا امام مالک، کتاب الجہاد، بابِ الشہداء فی سبیل اللہ، صفحہ:236، حدیث:996۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:388 ملتقطاً۔
3... وفاء الوفا، الباب الثانی، الفصل الثالث...الخ، جز:1، جلد:1، صفحہ:46۔
4... مسند احمد، جلد:3، صفحہ:257، حدیث:5566۔
5...حدائقِ بخشش، صفحہ:222۔

۾ سڪون سان روانا ٿيو...! چاڪاڻ ته اهو رستو سڌو شفاعتِ مصطفيٰ تائين پهچائيندو آهي.

## پنهنجي پُوري ڪوشش ڪيو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي ذهن ۾ به ٿي سگهي ٿو اهو سوال پيدا ٿي رهيو هجي ته موت ته اسان جي اختيار ۾ نه آهي. اسان نه پنهنجي مرضيءَ سان پيدا ٿيا آهيون، نه ئي مرڻ اسان جي اختيار ۾ آهي.

لائی حیات آئے، قضا لے چلی چلے | اپنی خوشی نہ آئے، نہ اپنی خوشی چلے

جڏهن معاملو اهڙو آهي، جو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي مرڻ جي جاءِ جو انتخاب ئي نه ٿا ڪري سگهون ته پوءِ اهڙي ترغيب ڇو ڏني وئي آهي؟ ڇو چيو ويو آهي ته **مديني ۾ مرو...!** ان جو مطلب ڇا آهي؟ علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مطلب هي آهي ته پنهنجي پوري ڪوشش ڪيو...!! سموري طاقت ان تي خرچ ڪيو ته مون کي موت مديني ۾ اچي.[1]

يعني اسان کي مرڻو ڪٿي آهي، اهو ته اللّٰه پاڪ جي مرضي تي آهي، اسان جي ذمي هي آهي ته اسان مديني ۾ مرڻ جي جيتري به ڪوشش ڪري سگهون ٿا، اها ڪريون. مثال طور: اسان مديني ۾ مرڻ جون دعائون ڪري سگهون ٿا؟ اهو اسان جي وس ۾ آهي...؟ تنهنڪري مديني ۾ مرڻ جون دعائون ڪيو، خوب روئي روئي ڪريو، منٿون ڪري ڪريو، سجدن ۾ وجي ڪريو، تهجد ۾ اٿي ڪريو: يا اللّٰه پاڪ! مديني ۾ موت نصيب فرماءِ.

نہ اور کوئی تمنّا نہ جُستجُو ٹھہرے | دل و نظر میں مدینے کی آرزو ٹھہرے
دُعا ہے ربّ سے مدینے کا ایک اک مَنظَر | بہ وقتِ مَرگ بھی آنکھوں کے رُوبرُو ٹھہرے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... فضائلِ مدینہ، صفحہ:189بتصرف ۔

## دعاءِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

توهان کي خبر آهي؟ مديني ۾ مرڻ جي دعا ڪرڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ طريقو آهي. جي ها...!! روايتن ۾ آهي، جڏهن بہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مڪي پاڪ تشريف وٺي ويندا هئا، اتي دعا فرمائيندا هئا: اَللّٰھُمَّ لَاتَجْعَلْ مَنَایَانَا بِھَاحَتّٰی تُخْرِجَنَا مِنْھَا يعني اي الله پاڪ...!! اسان کي مڪي ۾ موت نہ ڏجان، جيستائين اسان هتان واپس موٽي (يعني مديني پهچي) نہ وڃون. (1)

مدینے میں آقا ہمیں موت آئے | بنے کاش! مدفن ہمارا مدینہ (2)

## قيامت جي ڏينهن امن نصيب ٿيندو

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ خاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَۃٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، جيڪو شخص ٻن حرمَن (يعني مدينہ منوره ۽ مڪہ مڪرمہ) مان ڪنهن بہ هڪ ۾ مرندو، قيامت جي ڏينهن امن وارن ۾ اٿاريو ويندو. (3)

الله! الله! ڪيڏو وڏو انعام آهي، ڪيڏي وڏي خوشخبري آهي، ڪيڏي وڏي نويد آهي، قيامت جو 50 هزار سالن جو ڏينهن ۞ سج سوا ميل تي هوندو ۽ باهہ وَسائي رهيو هوندو ۞ ٽامي جي تَتَل زمين تي اُگهاڙي پيرين بيهاريو ويندو ۞ جنهن ڏينهن پيءُ پٽ کي وساري ويهندو ۞ جنهن ڏينهن ماءُ ڌيءَ کان جان ڇڏائيندي هوندي ۞ جنهن ڏينهن هر ڪنهن کي صرف پنهنجي ئي لڳل هوندي. اهڙي خطرناڪ ڏينهن ۾ جن ماڻهن کي امن ۽ امان نصيب ٿيندو، جيڪي راحت ۾ هوندا، جيڪي سڪون سان اهو ڏينهن گذاريندا، اهي ڪير هوندا؟ ها! ها! اهي جن کي مڪي پاڪ ۾ مرڻ نصيب ٿيو هوندو، جن جو مدفن مدينو بڻيو هوندو. الله پاڪ اسان کي مديني پاڪ ۾ شهادت جو موت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

---

1...مسند احمد، جلد:3، صفحہ:88، صفحہ:4882۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:355۔
3... شعب الايمان ،باب فی مناسک فضل الحج والعمرة ،جلد:3، صفحہ:490، حديث:4158۔

مجھے مَرنا ہے آقا گُنبدِ خَضرا کے سائے میں | وطن میں مَر گیا تو کیا کروں گا یارَسُولَ اللہ![1]

# جنت البقيع جو تذڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن مديني شريف ۾ موت اچي وڃي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بقيع به نصيب ٿي ويندو.

میں ہوں سُنّی رہوں سُنّی مروں سُنّی مدینے میں
بقیع پاک میں بن جائے تُربَت یارَسُولَاللہ![2]

بقيع پاڪ جي شان ۽ عظمت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! روايتن ۾ آهي ته جڏهن محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري مدينه شريف تشريف ڪٽي آيا ته اوهان ڪي قبرستان جي لاءِ جاءِ جي تلاش هئي. آخرڪار پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بقيع پاڪ کي چونڊيو ۽ فرمايائون: **مونکي هن جاءِ يعني بقيع (کي قبرستان بڻائڻ) جو حڪم ٿيو آهي.**[3]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته بقيع پاڪ جو انتخاب الله پاڪ جي حڪم سان ڪيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| کیا جنّتُ البقیع کی شانِ رفیع ہے | بُرجِ فلک ہر ایک مزارِ بقیع ہے |
| خُلدِ نَعِم جہاں میں یہی ارضِ پاک ہے | کُحلُ البَصر یہیں کی زمانے میں خاک ہے |

وضاحت: جنت البقيع جو شان ايتري قدر بلند آهي جو هتي موجود هر هڪ مزارِ پاڪ آسمان جي روشن برجن جيان آهي، ايئن ڪٽي چئجي ته هي جڳ ته نائين جنت آهي، هتان جي مٽي سڄي زماني جي اکين جو سرمو آهي.

# بقيع پاڪ جو توريت ۾ ذڪر

حضرت ڪعب الاحبار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان توريت شريف ۾ پڙهيو آهي،

1... وسائل بخشش، صفحہ:322۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:331۔
3... مستدرک،کتاب معرفة الصحابہ، جلد:4، صفحہ:191،حدیث:4919۔

هن (يعني جنت البقيع) جو نالو **ڪُفتہ** آهي، فرشتا ان جي نگراني ڪندا آهن، جڏهن ھي قبرستان ڀرجي ويندو آهي تہ فرشتا ان کي ٻنهي طرفن کان ڪٽي جنت ۾ داخل ڪندا آهن. (1)

مَدفُون جو یہاں ہے وہ غم سے ہے رَستگار | دوزخ کا کچھ عذاب نہ مَرقَد کا ہے فشَار

**وضاحت**: جنت البقيع ۾ جيڪو بہ دفن آهي، الله پاڪ جي ڪرم سان هر قسم جي غم ۽ پريشاني کان محفوظ ۽ نجات يافتہ آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان کي نہ دوزخ جو عذاب ٿيندو ۽ نہ ئي قبر جو.

## بي حساب جنت ۾ داخلا

علامہ سمھودي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: هڪ دفعو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بقيع پاڪ ڏانھن تشريف وٺي ويا، جڏهن اتي پهتا تہ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ هن قبرستان مان **70** هزار ماڻهن کي بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (2)

تختہ ریاضِ خُلد کا ارضِ بقیع ہے | کیا جنّتُ البقیع کی شانِ رفیع ہے
ہے جنّتُ البقیع بزرگوں کی یادگار | ہیں اہلِ بیتِ پاک کے اکثر یہیں مزَار
اصحابِ مصطفٰی بھی یہاں دفن ہیں | قبروں سے جن کی اِس کے مَراتِب بلند ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ اهم وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ وضاحت ڪريان تہ: مديني شريف ۾ مرڻ جي وڏي فضيلت آهي، هتي مرڻ وارن کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت ملندي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! عذابِ قبر کان نجات ملندي، الله پاڪ چاهيو تہ بغير حِساب

1... وفاء الوفا، الباب الثانی، الفصل السابع...الخ، جز:1، جلد:1، صفحہ:68۔
2... وفاء الوفا، الباب الخامس، الفصل الخامس...الخ، جز:3، جلد:2، صفحہ:79۔

ڪتاب جي جنت ۾ وڃڻ بہ نصيب ٿيندو، پر ياد رکو! هي سڀ فضيلتون صرف عاشقانِ رسول جي لاءِ آهن، بدمذهبن ۽ غير مسلمن جي لاءِ اهي فضيلتون نہ آهن، نہ تہ غور ڪريو تہ! ڪيترا ئي منافق، بلڪ منافقن جو سردار عبدالله بن اُبَيّ بن سَلُول بہ هتي دفن آهي، اهو يقيناً عذاب جو حقدار آهي.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ لَا یَغْفِرُ اَنْ یُّشْرَكَ بِهٖ

(پارو: 5، سوره نساء: 48)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ان ڳالهہ کي ناهي بخشيندو جو ساڻس شرڪ ڪيو وڃي.

معلوم ٿيو تہ بخشش ملڻ ۽ عذاب کان بچڻ جو سڀ کان پهريون شرط عقيدي جي درستگي آهي، جيڪڏهن عقيدو درست آهي تہ ڪيتريون ئي فضيلتون آهن ۽ جيڪڏهن عقيدو ئي درست نہ آهي تہ سمجهي ڇڏيو تہ! ٻانهو ٻُڙي يعني (Zero) آهي. الله پاڪ اسان کي سچن ۽ درست اسلامي عقيدن تي استقامت عطا فرمائي. ڪاش! ايمان جي سلامتي سان، عافيت سان، سبز گنبذ جي سائي ۾، سونهري ڄارين جي سامهون مرڻ ۽ بقيع پاڪ ۾ دفن ٿيڻ نصيب ٿي وڃي.

اے کاش! مدینے میں مجھے موت یوں آئے | چوکھٹ پہ تری سر ہو مری روح چلی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قربانيءَ جون کَلُون دعوتِ اسلامي کي ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن نيڪ ڪمن ۾ توهان بہ پنهنجو حصو شامل ڪريو! **عيدالاضحيٰ** ويجهو آهي، عاشقانِ رسول قرباني جي سعادت حاصل ڪندا. التجا آهي تہ! پنهنجي پنهنجي جانور جي کَلَ دعوتِ اسلامي کي ڏيو! توهان جي ڏنل رقم يا کَلَ جي ذريعي سموري دنيا ۾ ديني، اصلاحي، روحاني ۽ فلاحي ڪم ٿيندا، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! توهان جي لاءِ صدقۂ جاريہ ٿيندو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهٽي ۽ محلي ۾، پنهنجن عزيزن ۽ مائٽن کي فون وغيرهہ ڪري بہ ان جي ترغيب ڏياريو! پنهنجي ڪوشش سان کَلُون جمع بہ ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! ان جون

۽ برڪتون ملنديون، **حديث پاڪ ۾ آهي:** جنهن ڪنهن نيڪيءَ ڏانهن رهنمائي ڪئي، ان کي ان تي عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو. (1)

**ڪلُون جمع ڪرڻ بابت ڪجهه احتياط پيشِ خدمت آهن:** ۞ الله پاڪ جي رضا جي خاطر ڪلُون جمع ڪريو ۞ ان جي دوران نمازن جي پابندي فرمايو ۞ بدبودار لباس سان مسجد ۾ وڃڻ کان پاسو ڪريو، ان جي لاءِ هڪ صاف سترو جوڙو پاڻ سان هر وقت گڏ رکو ۞ مسجد، مدرسي وغيره کي رت سان آلوده ٿيڻ کان بچايو ۞ جن ڪنهن بئي اداري کي ڪلَ ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي، انهن کي واعدي خلافي جو ذهن نه ڏيو ۞ ڪنهن سان به غصي جو اظهار نه ڪريو ۞ ڪلَ ڏيڻ واري جو سني نموني شڪريو ادا ڪريو ۞ اهڙي جاءِ تي ڪلُون گڏ ڪرڻ جو اسٽال نه لڳايو جتي ڪنهن کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف ٿئي.

عطارؔ سے محبوب کی سُنَّت کی لے خدمت | ڈنکا یہ ترے دین کا دُنیا میں بجادے(2)

الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. آمين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

اي عاشقانِ رسول! دل ۾ عشقِ مدينه وڌائڻ، يادِ مدينه، ذڪرِ مدينه ڪرڻ ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ **12** ديني ڪمن ۾ خوب حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم روزانو نيڪ اعمال جي رسالي مان جائزو وٺڻ به آهي.

۞ سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجو محاسبو ۽ مرڻ کان پوءِ جي لاءِ عمل ڪري. (3) ۞ پنهنجي اصلاح ڪرڻ

1... ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء الدال...الخ، صفحہ:628، حدیث:2671۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:112۔
3... ترمذی،ابواب صفۃ القیامۃ...الخ، صفحہ:583، حدیث:2459بتغیر قلیل۔

۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته اسان پنهنجين عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجن عملن جو جائزو وٺندا رهون. موجوده دور ۾ اميرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو ڏنو آهي: رسالو نيڪ اعمال ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن لاءِ نيڪ اعمال رسالي ۾ 72 سوال جواب لکيل آهن ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن ۞ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو هوندو آهي ۽ خانا پرڻا هوندا آهن ۞ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي ۞ ان جي ذريعي نه ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

توهان به هي رسالو خريد فرمايو! نيڪ اعمال جي مطابق روزانو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ اخلاق سڌرندا ۞ ڪردار سنو ٿيندو ۞ عادتون بهتر ٿينديون ۞ نيڪين تي استقامت ملندي ۞ گناهن کان نفرت ٿيندي ۞ دل روشن ٿيندي ۞ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ روحانيت ملندي ۞ ۽ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندو.

## نيڪ اعمال رسالي جي برڪت

نيو ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته اسان جي علائقي جي مسجد جا امام صاحب، جيڪي دعوتِ اسلامي سان وابسته آهن، انهن منهنجي وڏي ڀاءُ کي نيڪ اعمال جو رسالو تحفي ۾ پيش ڪيو. اهي گهر ڪٺي آيا، گهر اچي انهن رسالو پڙهيو ته حيران ٿي ويا ته هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي! نيڪ اعمال جو رسالو ملڻ جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه! انهن کي نماز پڙهڻ جو جذبو مليو ۽ نمازِ باجماعت جي ادائيگي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿيا ۽ هاڻي پنج وقت جا نمازي ٿي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ به سجائي ورتائون ۽ پابنديءَ سان نيڪ اعمال جي رسالي مان جائزو وٺڻ وارا بڻجي ويا آهن.

نیک اعمال کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی | یاالٰہی! خوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعِده (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **مدني قاعِده** *(Madani Qaida)*. هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو *(Audio)* شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن حرف يا جنهن لفظ تي ڪلڪ *(Click)* ڪندا، آڊيو *(Audio)* ۾ ان جو تَلَفُّظْ هلندو، اهڙي طرح هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق *(Practice)* ڪري دُرُست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني قاعدي جي سيني سبقن جي وڊيو ريڪارڊنگ بہ ڏسي سگهجي ٿي. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي سمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهہ ضروري اعلانات

❀ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ذوالحج شريف جو مهينو جاري آهي، هن مبارڪ مهيني جا ابتدائي 10 ڏينهن شيخِ طريقت، امير اهلِسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتهمُ الْعَالِيَه روزانو رات جو تقريباً 9:30 منٽن تي، مدني چينل تي لائيو مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول انهن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو. ❀شيخ طريقت، امير اهلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهمُ العالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **30 روحاني علاج** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ شيئر *(Share)* ڪريو! ❀ قرباني ڪرڻ وارن جي لاءِ آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ وارا مسئلا ۽ قرباني جي فضيلتن تي لکيل مولانا

محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَکَاتُهمُ العالِيَه جو رسالو **ابلق گهوڙي سوار**، مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **30 رپين** ۾ جڏهن تہ ان ئي موضوع تي ٻارن جي تربيت جي حوالي سان امير اهل سنت جو لکيل هڪ ٻيو رسالو **بيٹا ہو تو ایسا**، مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان ننڍي سائيز ۾ **60 رپين** ۾ ۽ وڏي سائيز ۾ **120 رپين** ۾ قيمتاً طلب فرمايو! هي رسالا پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجهہ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گوشت کائڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1)** گوشت دنيا ۽ آخرت جي کاڌن جو سردار آهي.[2] **(2)** گوشت کي ڇريءَ سان ڪَٽي نہ (بلڪ ڏندن سان) ڇِني کائو، اهو وڌيڪ خوشگوار آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! حلال گوشت کائڻ بہ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي، **علماءِ ڪرام فرمائن ٿا:** گوشت پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديدہ ترين کاڌو هو.[4] ۞ ٻڪري، ڪُڪُڙ، اُٺ، خرگوش ۽ مڇيءَ جو گوشت

---

1...مشكوٰة،كتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔
2...معجم اوسط، جَلد:7، صفحہَ:271۔
3...ابو داود، كتاب الاطعمۃ، باب فى اكل اللحم، صفحہ:597، حديث:3778۔
4...المواهب اللدنيہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:2، صفحہ:128 ۔

ڪائڻ، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان ثابت آهي. [1] ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڪريءَ جي گردن (يعني ڪَنڌو)، [2] دَستي (يعني اڳيون ٽنگون) [3] ۽ ان جي ران جو گوشت ڪائڻ پسند هو. [4]

**گوشت ڪائڻ جا فائدا ۽ احتياط:** ۞ علامہ احمد بن محمد قسطلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: ٻڪريءَ جو هلڪو ترين گوشت: ڪَنڌي، دَستي ۽ ڪُلهن جو هوندو آهي، هي معدي جي لاءِ هلڪو آهي ۽ جلد هضم ٿي ويندو آهي. [5] ۞ گوشت جسم کي پروٽين، آئرن، وٽامن B وغيره مهيا ڪندو آهي ۽ وٽامن A ۽ B هَڏِيُن، ڏَندن، اکين، دماغ ۽ چَمڙيءَ لاءِ مفيد آهي. [6] ۞ گوشت رت کي صاف ڪندو آهي ۞ 70 قوتون وڌائيندو آهي ۞ جڏهن ته ان کي ڪائڻ سان عقل وڌندو آهي. [7] ۞ گوشت ٻڌڻ جي طاقت وڌائيندو آهي. [8] ۞ البته زياده گوشت ڪائڻ کان بچڻ گهرجي ڇو ته گهڻو گوشت ڪائڻ دل جي سختي جو سبب آهي. [9] ۞ ان جو گهڻو استعمال ڪينسر، دل جون بيماريون، ذيابيطس (يعني شگر)، معدي ۽ جيري (*Liver*) جي بيمارين جو سبب بڻجي سگهي ٿو. [10] ۞ بالغ ماڻهن کي روزانو 70 گرام جڏهن ته هفتي ۾ 500 گرام يعني اڌ ڪلو گوشت ڪائڻ گهرجي. هفتي ۾ ٽي دفعا يا ان کان وڌيڪ پيرا گوشت ڪائڻ وارن ماڻهن ۾ مختلف بيمارين ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. [11]

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب **بهارِ شريعت** جلد: 3، حصو: 16 ۽ امير اهلسنت مولانا الياس قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91

---

1...المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:2، صفحہ:130 ۔
2...مسند احمد، جلد:11، صفحہ:168، حدیث:27790۔
3...ترمذی، کتب الاطعمۃ، باب ماجاء ای اللحم...الخ، صفحہ:455، حدیث:1837۔
4... بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب قول اللہ تعالی وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا ...الخ، صفحہ:851، حدیث:3340۔
5... المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:2، صفحہ:129 ۔
6... ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:53۔
7...مدارج النبوۃ، باب یاز دہم در عبادات و طعام و شراب وغیرہ، جز:1، صفحہ:458 ملتقطاً۔
8...اتحاف السادۃ المتقین، کتاب اداب المعیشۃ...الخ، بیان ادابہ...الخ، جلد:8، صفحہ:238 ۔
9...مدارج النبوۃ، باب یاز دہم در عبادات و طعام و شراب وغیرہ، جز:1، صفحہ:458 ۔
10... ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:54۔
11... ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:54۔

صفحن جو رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

قرض ہو گا ادا آ کے مانگو دعا | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو
قَرض کا بار ہو، بے کسی یار ہو | چاہو گر راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

---

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہِ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [4]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[3] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[4] ... القول البديع، الباب الاول، ص4125

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!        صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
[2]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
[3]... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455